# سنڌ ايڪٽ نمبر XXV جو 1972
# SINDH ACT NO.XXV OF 1972
# ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972
# THE UNIVERSITY OF KARACHI ACT, 1972
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. هيئت

Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار

Powers of the University

5. يونيورسٽي جو دائره اختيار

Jurisdiction of the University

6. يونيورسٽي سمورن درجن، طبقن وغيره لاءِ کليل هوندي

University open to all classes, creeds, etc

7. يونيورسٽي ۾ تدريس

Teaching in the University

8. يونيورسٽي شاگرد يونين ۽ الحاق ٿيل ڪاليجن جي يونين

University Student's Union and Union of the affiliated Colleges

9. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University
10. چانسلر
Chancellor
11. معائنو
Visitation
12. پرو چانسلر
Pro Chancellor
13. وائيس چانسيلر
Vice Chancellor
14. وائيس چانسلر جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Vice Chancellor
15. رجسٽرار
Registrar
16. خزانچي
Treasurer
17. امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations
18. آڊيٽر
Auditor
19. اٿارٽيز
Authorities
20. سينيٽ
Senate
21. سينيٽ جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and Duties of the Senate
22. سنڊيڪيٽ
The Syndicate
23. سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and duties of Syndicate
24. اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council
25. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council
26. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, functions and powers of other Authorities
27. ڪجهه اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري
Appointment of committees by certain Authorities
28. اسٽيچوٽس
Statutes
29. ضابطا
Regulations
30. اسٽيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي
Amendment and repeal of statutes and regulations
31. قاعدا
Rules
32. الحاق
Affiliation
33. الحاق ٿيل ادارن طرفان ڪورسز جو اضافو
Addition of courses by affiliated educational institutions

34. الحاق ٿيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون

Reports from affiliated educational institutions

35. الحاق ختم ڪرڻ

Withdrawal of affiliation

36. الحاق ڪان انڪار يا ختم ڪرڻ خلاف اپيل

Appeal against refusal or withdrawal of affiliation

37. يونيورسٽي فنڊ

University Fund

38. آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Audit and Accounts

39. سبب ٻڌائڻ جو موقعو

Opportunity to show case

40. سنڊيڪيٽ کي اپيل ۽ ان طرفان نظرثاني

Appeal and review by the Syndicate

41. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund

42. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات

Commencement of term of office of members of Authorities

43. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي

Filling of Casual Vacancies in authorities

44. اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خرابيون

Voids in the constitution of Authorities

45. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Disputes about membership of Authorities

46. اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر نہ ٿينديون

Proceedings of the Authorities not invalidated by vacancies

47. فرسٽ اسٽيچوٽس

First Statutes

48. منسوخي ۽ محفوظ بڻائڻ

Repeal and Savings

49. ضروري گنجائشون

Transitory Provisions

50. ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ ۾ رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties at the commencement of Ordinance

51. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XVII جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XVII of 1972

## فرسٽ اسٽيچوٽس

## The First Statutes

1. فيڪلٽيز

Faculties

2. ڊين

Dean

3. تدريسي شعبو

Teaching Department

4. بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

5. اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ

Advanced studies and Research Board

6. سليڪشن بورڊ

Selection Board

7. سليڪشن بورڊ جا ڪم

Functions of Selection Board

8. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

The finance and Planning Committee

9. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم

Functions of the Finance and Planning Committee

10. الحاق ڪميٽي

Affiliation Committee

11. نظم و ضبط ڪميٽي

Discipline Committee

# 1972 جو سنڌ ايڪٽ نمبر XXV

# SINDH ACT NO.XXV OF 1972

# ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972

# THE UNIVERSITY OF KARACHI ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي يونيورسٽي جي ٻيهر جوڙجڪ ۽ ٻيهر انتظام ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ضروري آزادي ڏيڻ ۽ انتظامن ۾ سڌاري جي مقصد لاءِ ڪراچي يونيورسٽي کي ٻيهر جوڙڻ ۽ ٻيهر انتظام ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي لاڳو ڪيو ويندو:

## باب _I

## شروعاتي

## Chapter_I

## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي 30 سيپٽمبر 1972 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ سمورن استيچوٽس، ضابطن ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) "الحاق شده ڪاليج" مطلب يونيورسٽي سان الحاق ٿيل ڪاليج پر ان طرفان سنڀاليو يا هلايو نہ ويجي؛

(c) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 19 مطابق يونيورسٽي جي اٿارٽيز مان ڪا هڪ؛

(d) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(e) "ڪاليج" مطلب هڪ جوڙيل ڪاليج يا الحاق ٿيل ڪاليج؛

(f) "جوڙيل ڪاليج" مطلب ڪاليج جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو ويجي؛

(g) "ڊين" مطلب بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين؛

(h) "ڊائريڪٽر" مطلب تدريسي ڊويزن يا يونيورسٽي طرفان جوڙيل اداري طور قائم ڪيل اداري جو سربراهہ؛

(i) "تعليمي ادارو" مطلب هڪ ادارو جيڪو فيڪلٽي سان لاڳاپيل مضمون يا مضمونن ۾ تعليم ڏيندو هجي؛

(j) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(k) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(l) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(m) "پرنسپال" مطلب ڪاليج جو سربراهہ؛

(n) "پروفيشنل ڪاليج" مطلب هڪ ڪاليج جيڪو ميڊيسن، انجنيئرنگ، زراعت، ڪامرس، تعليم، قانون، فائين آرٽس يا اهڙي ٻئي مضمون يا مضمونن ۾ تعليم

ڏئي رهيو هجي، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(o) “رجسٽرڊ گريجوئيٽ” مطلب:

(i) يونيورسٽي جو گريجوئيٽ جنهن جو نالو يونيورسٽي طرفان ان مقصد لاءِ رکيل رجسٽر ۾ داخل هجي؛

(ii)ڪنهن ٻي يونيورسٽي جو گريجوئيٽ جيڪو يونيورسٽي جي عالئقائي دائره اختيار ۾ عام طور رهندو هجي ۽ جنهن جو نالو يونيورسٽي طرفان ان مقصد لاءِ رکيل رجسٽر ۾ داخل هجي؛

(p) “تحقيقي عملدار” مطلب يونيورسٽي طرفان تحقيق لاءِ مقرر ڪيل ڪل وقتي شخص ۽ جيڪو رينڪ ۾ يونيورسٽي جي استاد برابر هوندو؛

(q) “سينيٽ” مطلب يونيورسٽي جي سينيٽ؛

(r) “قانون، ضابطا ۽ قاعدا” مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل يا جوڙيا ويندڙ قانون، ضابطا ۽ قاعدا.

(s) “سنڊيڪيٽ” مطلب يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ؛

(t) “استاد” جنهن ۾ شامل آهن يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان ڊگري، آنرس يا پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسز لاءِ ڪل وقتي مقرر ڪيل پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن ۾ استاد طور واضح ڪيا وڃن؛

(u) “تدريسي شعبو” مطلب يونيورسٽي طرفان قائم ڪيل ۽ سنڀاليل يا سڃاڻپ ڏنل تدريسي شعبو.

(v) “يونيورسٽي” مطلب هن ايڪٽ تحت ٻيهر جوڙيل ڪراچي يونيورسٽي؛

(w) "يونيورسٽي استاد" مطلب يونيورسٽي طرفان مقرر ڪيل يا پگهار تي رکيل هڪ ڪل وقتي استاد يا يونيورسٽي طرفان اهڙيءَ ريت سڃاتپ ڏنل؛ ۽

(x) "وائيس چانسلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسلر.

## باب -II

## يونيورسٽي

## Chapter-II

## University

هيئت
Incorporation

3.(1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪراچي ۾ ڪراچي يونيورسٽي ٻيهر جوڙي ويندي.س

(2) يونيورسٽي مشتمل هوندي:

(i) چانسلر، پرو چانسلر، وائيس چانسلر، ڊينس، پرنسپالس، ڊائريڪٽرس، تدريسي شعبن جا چيئرمين، رجسٽرار، خزانچي، امتحانن جو ڪنٽرولر، لائبريرين، آڊيٽر ۽ اهڙا ٻيا عملدار جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(ii) سينيٽ، سنڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ يونيورسٽي جي ٻين اٿارٽيز جا ميمبر؛

(iii) يونيورسٽي جا سمورا استاد؛ ۽

(iv) اميريٽس پروفيسرس؛

(3) يونيورسٽي ڪراچي يونيورسٽي جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(4) يونيورسٽي ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير

متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، ليز تي ونڻ، وڪرو ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت کي منتقل ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي، جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي.

(5) سموريون ملڪيتون، حق ۽ واسطا ڪنهن بہ قسم جا جيڪي ٽرسٽ طرفان استعمال ڪيا، لطف ماڻيو، قبضي ۾ رکيا، مالڪي ۾ رکيا ويا، ڪراچي يونيورسٽي جي لاءِ جيڪا يونيورسٽي آف ڪراچي ايڪٽ، 1962 (1962 جي ايڪٽ V) تحت قائم ڪئي وئي ۽ جاٽايل يونيورسٽي خلاف سموريون جائز رهتون هن ايڪٽ تحت پيهر جوڙيل يونيورسٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

**يونيورسٽي جا اختيار**
**Powers of the University**

4. يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار هوندا:

(a) سکيا جي اهڙين شاخن ۾ تعليم مهيا ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ ڄاڻ جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(b) يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان پڙهائي جا ڪورس ۽ نصاب بيان ڪرڻ؛

(c) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن ماڻهن کي جن ڄاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(d) ڄاڻايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون ۽ ٻيا اعزاز ڏيڻ؛

(e) اهڙن ماڻهن کي تعليم ڏيڻ ۽ سرٽيفڪيٽ ۽

ڊپلوماز ڏيڻ جيڪي يونيورسٽي جا شاگرد نہ هجن؛

(f) اهڙن ماڻهن کي ڊگريون ڏيڻ جن بيان ڪيل شرطن موجب آزاداڻي تحقيق ڪئي هجي؛

(g) تعليمي ادارن کي بيان ڪيل شرطن موجب الحاق ڏيڻ يا الحاق ختم ڪرڻ؛

(h) بيان ڪيل شرطن موجب تعليمي ادارن کي پنهنجي مراعتن ۾ داخل ڪرڻ يا اهڙين مراعتن کي ختم ڪرڻ؛

(i) الحاق ٿيل يا الحاق چاهيندڙ ڪاليجن يا ٻين تعليمي ادارن جي جاچ ڪرڻ؛

(j) ٻين يونيورسٽيز يا سکيا جي هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن يا پڙهائي جي گذاريل عرصي کي يونيورسٽي جي امتحانن جي پڙهائي جي عرصي برابر قبول ڪرڻ يا اهڙي منظوري کي رد ڪرڻ؛

(k) ٻين يونيورسٽيز ۽ اٿارٽيز سان اهڙيءَ ريت ۽ اهڙن مقصدن لاءِ سهڪار ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(l) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچررشپس ۽ ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(m) تحقيق، ترقي، انتظامي ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(n) يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ٿيل ڪاليجن يا تعليمي ادارن جي تدريسي عملي جي چونڊيل ميمبرن کي سڃاڻپ ڏيڻ يا اهڙن ٻين ماڻهن کي يونيورسٽي جي استاد طور سڃاڻپ ڏيڻ، جيئن مناسب هجي؛

(o) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، برسريز، ميڊلس ۽ انعام پيدا ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(p) سڪيا ۽ تحقيق جي ترقي لاءِ فيڪلٽيز، تدريسي شعبا، تحقيقي ادارا، هنري مرڪز، ميوزيمس ۽ ٻيا سڪيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت، سار سنڀال ۽ هلائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(q) يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ جوڙيل ادارن جي شاگردن جي رهائش تي ضابطو رکڻ ۽ رهائش جا هالس ٺاهڻ ۽ سنڀالڻ ۽ هاسٽلس ۽ لاجنگس کي منظور ڪرڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(r) يونيورسٽي جي شاگردن جي نظم و ضبط جي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(s) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(t) تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن لاءِ گنجائش جوڙڻ ۽ انهن مقصدن لاءِ ٻين ادارن يا پبلڪ باڊيز سان بيان ڪيل شرطن موجب انتظامن ۾ داخل ٿيڻ؛

(u) نيڪن ۾ شامل ٿيڻ، جاري رکڻ، تبديل يا رد ڪرڻ؛

(v) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ

ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛

(w) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ پڌرائيءَ جو بندوبست ڪرڻ؛

(x) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جيڪي مٿي ڄاڻايل اختيارن سان لاڳاپيل هجن يا نه، جيئن يونيورسٽي جا هڪ تعليمي، سکيا ۽ تحقيق واري هنڌ طور مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

يونيورسٽي جو دائره اختيار Jurisdiction of the University

5. (1) يونيورسٽي پنهنجي علائقائي حدن ۾ دائره اختيار ۾ ايندڙ ادارن جي سلسلي ۾ يونيورسٽي آف ڪراچي آرڊيننس، 1962 (1962 جي آرڊيننس V) تحت اختيار استعمال ڪندي:

بشرطيڪ حڪومت يونيورسٽي سان مشوري سان عام يا خاص حڪم ذريعي اهڙن ادارن جي علائقائي حدن ۾ يونيورسٽي جي مٿي ڄاڻايل اختيارن کي ترتيب ڏئي سگهي ٿي.

(2) ڪو به تعليمي ادارو جيڪو يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ واقع هجي، يونيورسٽي ۽ حڪومت جي منظوري کانسواءِ ڪنهن ٻي يونيورسٽي سان الحاق نه ڪندو يا ٻي يونيورسٽي جون مراعتون حاصل نه ڪندو.

(3) يونيورسٽي بيان ڪيل شرطن موجب ٻي ڪنهن يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ ايندڙ ڪنهن تعليمي اداري کي پنهنجي مراعتن ۾ داخل ڪري سگهي ٿي پوءِ اهو پاڪستان جي حدن اندر يا ٻاهر هجي، بشرطيڪ اهڙي يونيورسٽي جي منظوري اڳواٽ ورتي وئي هجي.

6. (1) يونيورسٽي ڪنهن بہ جنس يا مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن بہ رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن بہ شخص کي فقط جنس، مذهب، نسل، طبقي، ذات، درجي يا رنگ جي بنياد تي داخلا کان منع نہ ڪيو ويندو.

يونيورسٽي سمورن درجن، طبقن وغيره لاءِ کليل هوندي
University open to all classes, creeds, etc

بشرطيڪ هن سيڪشن ۾ ڪجهہ بہ شاگردن کي پنهنجي مذهبي حساب سان ڏني ويندڙ هدايتن کان نہ روڪيندو، اهڙي طريقي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) جوڙيل ڪاليجن ۽ جوڙيل ادارن ۾ هن ايڪٽ جي فوري طور شروع ٿيڻ کانپوءِ داخلا واري حڪمت عملي ساڳي رهندي، جيستائين سنڊيڪيٽ طرفان ترتيب نہ ڏني وڃي.

7. (1) مختلف ڪورسز ۾ سموري سڄاتل تدريس يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان بيان ڪيل طريقي موجب ڏني ويندي ۽ جنهن ۾ شامل تي سگهن ٿا، ليڪچرس، ٽيوٽوريلس، بحث مباحثا، سيمينار، مظاهرا، ان سان گڏوگڏ ليباريٽريز، ورڪشاپس، فارمس ۾ عملي ڪم ۽ سکيا جا ٻيا طريقا.

يونيورسٽي ۾ تدريس
Teaching ate the University

(2) سڄاتل تدريس لاءِ ذميوار اٿارٽي اهڙي هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) ڪورسز ۽ نصاب اهڙو هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

8. (1) يونيورسٽي جي شاگردن جي هڪ يونين هوندي جنهن کي دفعہ 20 جي ذيلي فعہ (1) جي شقن (xv) ۽

يونيورسٽي شاگرد يونين ۽ الحاق ٿيل ڪاليجن جي

(xvi) ۾ ڄاڻايل آفيسر رڪندڙن ڪي سينيٽ ۾ نمائندگي حاصل هوندي.

يونين
University Student's Union and Union of the affiliated Colleges

(2) يونيورسٽي شاگرد يونين جي جوڙجڪ، ڪم ۽ مراعتون ۽ ان سان لاڳاپيل ٻيا سمورا معاملا اهڙيءَ ريت هوندا جيئن يونيورسٽي جي شاگردن جي جنرل باڊي طرفان منظوري ڪانپوءِ اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

## باب _III
## يونيورسٽي جا عملدار
## Chapter_III
## Officers of the University

يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

9. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:
(i)چانسلر؛
(ii) پرو چانسلر؛
(iii) وائيس چانسلر؛
(iv) ڊينس؛
(v) ڊائريڪٽرس؛
(vi) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛
(vii) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛
(viii) رجسٽرار؛
(ix) خزانچي؛
(x) امتحانن جو ڪنٽرولر؛
(xi) لائبريرين؛ ۽
(xii) اهڙا ٻيا ماڻهو جن کي ضابطن موجب يونيورسٽي جي عملدار طور بيان ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| 10. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو چانسلر هوندو. | چانسلر Chancellor |
| (2) چانسلر، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۽ سينيٽ جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو. | |
| (3) جيڪڏهن چانسلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪرڻ کانپوءِ ته ڇو اهڙيون ڪارروايون يا حڪم ختم نه ڪيا وڃن، لکت ۾ حڪم ذريعي ڪارروايون ختم ڪري سگهي ٿو. | |
| (4) هر اعزازي ڊگري چانسيلر کان تصديق بعد ڏني ويندي. | |
| (5) چانسيلر کي سينيٽ طرفان جمع ڪرايل قانونن کي منظور ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو يا منظوري روڪي سگهي ٿو يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ واپس سينيٽ ڏانهن اماڻي سگهي ٿو. | |
| (6) چانسيلر ڪنهن به شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبرشپ تان هٽائي سگهي ٿو، جيڪڏهن اهڙو شخص: | |
| (a) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو، يا | |
| (b) اهڙي اٿارٽي جي ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو، يا | |
| (c) جنهن کي ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهه ۾ سزا ڏنائي وئي هجي. | |
| 11. (1) چانسيلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل | معائنو |

Visitation

مسئلي جي جاچ يا پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت حڪومت جي مشوري سان اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر جاچ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو:

(i) يونيورسٽي، ان جون عمارتون، ليبارٽريز، لائبريريز، ميوزيمس، ورڪشاپس ۽ اوزار؛

(ii) ڪو ادارو، ڪاليج يا هاسٽل يونيورسٽي طرفان سنڀاليل يا سجاٽپ ڏنل يا الحاق ٿيل؛

(iii) تدريس ۽ يونيورسٽي طرفان ڪيل ڪو ٻيو ڪم؛ ۽

(iv) يونيورسٽي طرفان منعقد ڪيل امتحان.

چانسيلر مٿي ڄاڻايل هر ڪيس جي سلسلي ۾ سنڊيڪيٽ کي جاچ يا ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ نوٽيس ڏئي سگهي ٿو ۽ سنڊيڪيٽ کي اتي اڳواٽي ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويندو.

(2) چانسيلر ان سلسلي ۾ ڪيل جاچ ۽ ڇنڊ ڇاڻ جي نتيجن تي سنڊيڪيٽ سان ڳالهه ٻولهه ڪندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان راءِ ملڻ کانپوءِ سنڊيڪيٽ کي قدم کڻڻ لاءِ مشورو ڏيندو.

(3) سنڊيڪيٽ اهڙي قدم بابت چانسيلر سان رابطو ڪندي، جيڪڏهن ڪو هجي، جيئن قدم کنيو ويو هجي يا جاچ يا ڇنڊڇاڻ جي نتيجي تي قدم کڻڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هجي، اهڙي وقت دوران جيئن چانسيلر طرفان ڄاڻايو ويو هجي.

(4) جتي سنڊيڪيٽ ڄاڻايل وقت دوران چانسيلر کي

مطمئن ڪندڙ قدم نہ ٿي کڻي، تہ پوءِ چانسيلر سنديڪيٽ طرفان جمع ڪرايل وضاحت يا ڪنهن ريپريزنٽيشن بعد اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙين هدايتن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو.

پرو چانسلر
Pro Chancellor

12.(1) تعليم وارو وزير يونيورسٽي جو پرو چانسلر هوندو.

(2) چانسلر اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان غير حاضر هجي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري تہ پرو چانسيلر، چانسلر جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جون سموريون ذميواريون نڀائيندو.

وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

13. (1) وائيس چانسلر، چانسلر طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ صابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسلر طئي ڪري ۽ چانسيلر جي مرضي سان عهدو رکي سگهندو.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن وائيس چانسلر جي آفيس خالي هجي، يا وائيس چانسلر غير حاضر آهي يا بيماري سبب آفيس جون ذميواريون نڀائڻ کان لاچار آهي، يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ چانسلر حڪومت جي مشوري سان وائيس چانسلر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪري سگهي ٿو.

وائيس چانسلر جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Vice Chancellor

14.(1) وائيس چانسلر يونيورسٽي جو اعليٰ ترين تدريسي ۽ انتظامي آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن ۽ قاعدن تي عمل ڪندي يونيورسٽي جي عام حيثيت ۽ بهتر صورتحال کي هٿي

وٺرائيندو. هن ڪي يونيورسٽي جي انتظامي ضابطي سميت سمورن عملدارن، استادن ۽ ملازمن تي سمورا ضروري اختيار حاصل هوندا.

(2) وائيس چانسلر، چانسلر ۽ پرو چانسلر جي غير حاضري ۾، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشنز ۽ سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ جيڪڏهن موجود هجي، اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو، جن جو اهو چيئرمين آهي ۽ يونيورسٽي جي ڪنهن به اٿارٽي يا باڊي جي گڏجاڻيءَ ۾ موجود رهڻ يا صدارت ڪرڻ جو مجاز هوندو.

(3) وائيس چانسلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(4) وائيس چانسلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا ته:

(i) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛

(ii) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سموري خرچ جي منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي ساڳين مکيه مدن ۾ فنڊ جي ڦير گهير ڪرڻ؛

(iii) غير متوقع ڪم لاءِ رقم منظور ڪرڻ جيڪا هڪ لک رپين کان وڌيڪ نه هجي يا ٻيهر ترتيب ڏيڻ، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي

ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛

(iv) لاڳاپيل اٿارٽيز طرفان نالن جا پينل ملڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي جي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(v) پيپرس، مارڪس ۽ نتيجن جي چنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(vi) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي اهو يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي؛

(vii) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، هن ايڪٽ تحت پنهنجي اختيارن منجهان ڪي اختيار منتقل ڪرڻ؛

(viii) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(ix) چار سئو ۽ پنجاهه رپين کان گهٽ جي شروعاتي پگهار تي ملازم مقرر ڪرڻ.

رجسٽرار
Registrar

15. رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽:

(a) ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو، مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو؛

(b) يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعليمي رڪارڊس جو سنڀاليندڙ هوندو؛

(c) بيان ڪيل طريقي موجب رجسٽرڊ گريجوئيٽ جو رجسٽر ٺاهيندو؛

(d) مختلف اٿارٽيز جي ميمبرن جون چاٽايل طريقي موجب چونڊون ڪرائيندو؛ ۽

(e)اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

خزانچي
Treasurer

16. خزانچي يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جيئن اهو طئي ڪري. اهو ڪري سگهندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري سنڀاليندو؛

(b) يونيورسٽي جي ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي ماليات ڪميٽي، سنڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جي سامهون پيش ڪندو؛

(c) اها پڪ ڪندو ته يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن، جن لاءِ اهي جاري ڪيا ويا آهن؛ ۽

(d) اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations

17. امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

آڊيٽر

18. ريزيڊنٽ آڊيٽر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار

Auditor

هوندو.

## باب _IV

## يونيورسٽي جون اٿارٽيز

## Chapter_IV

## Authorities of the University

اٿارٽيز

Authorities

19. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:

(i) سينيٽ؛

(ii) سنڊيڪيٽ؛

(iii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(iv) بورڊس آف فيڪلٽيز؛

(v) بورڊس آف اسٽڊيز؛

(vi) سليڪشن بورڊ؛

(vii) ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ بورڊ؛

(viii) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛

(ix) الحاق ڪميٽي؛

(x) ڊسيپلين ڪميٽي؛ ۽

(xi)اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

سينيٽ

Senate

20. (1) سينيٽ هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) چانسلر؛

(ii) پرو چانسلر؛

(iii) وائيس چانسلر؛

(iv) سنڊيڪيٽ جا ميمبر؛

(v) ڊينس؛

(vi) ڊائريڪٽرس؛

(vii) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(viii) يونيورسٽي پروفيسرس ۽ اميريٽس پروفيسرس؛

(ix) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(x) شاگردن جي معاملن جو عملدار يا استاد انچارج (کهڙو به عهدو سڏيو ويندو هجي)؛

(xi) الحاق شده ڪاليجن جا ٽي پرنسپالس اهڙن سمورن ڪاليجن جي پرنسپالس طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛

(xii)الحاق شده ڪاليجن جا ٻارنهن استاد جن کي الحاق ٿيل ڪاليج ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جي ملازمت جو تجربو هجي اهڙن ڪاليجن جي استادن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛

(xiii) يونيورسٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ بورڊس آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جا چيئرمين؛

(xiv) بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جو چيئرمين؛

(xv) يونيورسٽي شاگرد يونين جا ٻه نمائندا؛

(xvi) الحاق ٿيل ڪاليجن جي شاگرد يونين جا ٻه نمائندا سمورن الحاق ٿيل ڪاليجن جي شاگرد يونين جي صدر طرفان چونڊيا ويندا؛

(xvii) ٻارنهن يونيورسٽي استاد جن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جي ملازمت جو تجربو هجي، سمورن يونيورسٽي استادن طرفان چونڊيا ويندا.

(xviii) ٻه رجسٽرڊ گريجوئيٽس سمورن اهڙن رجسٽرڊ

گريجوئيٽس طرفان انھن منجھان چونڊيا ويندا.
(xix) آرٽس، سائنسز ۽ شعبن ۾ ھر ڪيٽيگري مان ٽي ناميارا ماڻھو؛
(xx) رجسٽرار؛
(xxi) خزانچي؛
(xxii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛ ۽
(xxiii) لائبريرين.
چانسلر يا سندس غير حاضري ۾، پرو چانسلر يا ٻنھي جي غير حاضري ۾، وائيس چانسلر سينيٽ جو چيئرمين ھوندو.
(2) ايڪس آفيسو ميمبرن کانسواءِ سينيٽ جا ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عھدو رکندا؛
(3) سينيٽ ھر سال گھٽ ۾ گھٽ ٻہ ڀيرا گڏجاڻي ڪندي اھڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسلر طرفان چانسلر جي منظوري سان طئي ڪيون وڃن.
(4) سينيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي ھڪ پاڱي تي برابر ھوندو، جنھن جي نسبت ھڪ برابر ڳڻي ويندي.

سينيٽ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Senate

21. ھن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، سينيٽ کي ھيٺيان اختيار حاصل ھوندا:
(a) سنڊيڪيٽ طرفان تجويز ڪيل قانونن جي ڊرافٽس کي تسليم ڪرڻ ۽ دفعہ 28 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل طريقي موجب انھن کي نيڪال ڪرڻ؛
(b) سالياني رپورٽ، اڪائونٽس جي سالياني اسٽيٽمينٽ ۽ ساليانن ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن

تي غور ڪرڻ ۽ ٺهراءُ منظور ڪرڻ؛

(c) هن ايڪٽ جي گنجائش موجب سنڊيڪيٽ ۽ ٻين اٿارٽيز جا ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(d) پنهنجا ڪي ٻه اختيار اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪرڻ؛ ۽

(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

سنڊيڪيٽ
The Syndicate

22. (1) سنڊيڪيٽ هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسلر (چيئرمين)؛

(ii) صوبائي اسيمبلي جا پنج ميمبر صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛

(iii) سينيٽ جا ٻه ميمبر سينيٽ طرفان چونڊيا ويندا؛

(iv) چيف جسٽس طرفان سنڌ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا ڄاڻايل عدالت جو هڪ جج نامزد ڪيو ويندو؛

(v) هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو؛

(vi) هڪ پروفيسر يا ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ٻه اسسٽنٽ پروفيسر يا ليڪچرر يونيورسٽي جي سمورن استادن طرفان گڏيل طور چونڊيا ويندا؛

(vii)يونيورسٽي شاگرد يونين جو هڪ نمائندو؛

(viii)الحاق ٿيل ڪاليجن جي شاگرد يونين جو هڪ نمائندو الهاق ٿيل سمورن ڪالين جي شاگردن يونين جي صدر طرفان چونڊيو ويندو؛

(ix) الحاق ٿيل ڪاليجن جا ٻه استاد الحاق ٿيل

ڪاليجن جي استادن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛

(x)ناميارن تعليمدانن منجهان چانسيلر جا ٻہ نامزد ڪيل؛

(xi) تعليم وارو سيڪريٽري؛

(xii) الحاق ٿيل ڪاليج جو هڪ پرنسپال اهڙن ڪاليجن جي پرنسپالس طرفان انهن منجهان چونڊيو ويندو؛ ۽

(xiii) ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو چونڊيل ميئر.

(2) ايڪس آفيسو ميمبرن کانسواءِ سنڊيڪيٽ جا ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندا.

(3) سنڊيڪيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and duties of Syndicate

23. (1) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو باڊي هوندي ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب يونيورسٽي جي معاملن ۽ ملڪيت جي انتظام تي عام نظرداري هوندي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، سنڊيڪيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت ۽ فنڊس رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) يونيورسٽي جي ماليات، اڪائونٽس ۽ سيرپڪارين جو فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي مشوري

سان انتظام ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ ان مقصد لاءِ اهڙا ايجنٽس مقرر ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي؛
(c) ساليانيءَ نظرثاني ٿيل بجيٽ جي ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سينيٽ کي مشورو ڏيڻ، ۽ خرچ جي ميجر هيڊ مان بئي ڏانهن فنڊس کي پيهر ونڊڻ ورڇڻ؛
(d) يونيورسٽي طرفان متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت منتقل ڪرڻ يا منتقلي قبول ڪرڻ؛
(e) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛
(f) يونيورسٽي طرفان حاصل ڪيل يا خرچ ڪيل سمورين رقمن جي اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن جا ڪتاب تيار ڪرڻ؛
(g) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪا رقم سيڙائڻ بشمول اڻ استعمال ڪيل رقم جي جيڪڏهن ڪا ٽرسٽس ايڪٽ، 1882 (1882 جي ايڪٽ II) جي دفعه 20 ۾ بيان ڪيل سڪيورٽيز ۾ شامل هجي، يا غير متحرڪ ملڪيت خريد ڪرڻ يا اهڙي بئي ڪنهن سلسلي ۾ جيئن اها طئي ڪري، اهڙين سيڙپڪارين کي تبديل وڪرڻ واري اختيار کي استعمال ۾ آڻيندي.
(h) يونيورسٽي کي منتقل ڪيل ڪا ملڪيت ۽ ڏنل گرانٽس، وصيتون، ٽرسٽس، تحفا، عطيا، انڊومينٽس ۽ ٻيا حصا حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛
(i)مخصوص مقصد لاءِ يونيورسٽي جي نيڪال لاءِ رکيل فنڊس جو انتظام ڪرڻ؛

(j) يونيورسٽي جي عام مهر کي تحويل ۾ رکڻ ۽ ان جي استعمال جو طريقو طئي ڪرڻ؛
(k) يونيورسٽي لاءِ گهربل عمارتون ۽ ٻيا احاطا، لائبريريز، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ اهڙيون ٻيون شيون مهيا ڪرڻ؛
(l) رهائش جا هالس ۽ هاسٽلس قائم ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلس يا لاجنگس جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس جاري ڪرڻ؛
(m) ڪاليجن کي الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ؛
(n) تعليمي ادارن کي يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ڪرڻ يا اهڙيون مراعتون ختم ڪرڻ؛
(o) ڪاليجن ۽ تدريسي شعبن جي جاچ ڪرائڻ؛
(p) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيون تدريس جون آساميون پيدا ڪرڻ يا اهڙين آسامين کي سسپينڊ يا ختم ڪرڻ؛
(q) اهڙين انتظامي، تدريسي، تحقيقي يا ٻين عهدن کي پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛
(r) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي چار سئو ۽ پنجاهه رپيا ۽ ان کان مٿي ماهوار شروعاتي پگهار تي يونيورسٽي جا استاد ۽ ملازم مقرر ڪرڻ؛
(s) اميريٽس پروفيسر اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛
(t) بيان ڪيل شرطن موجب اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(u)يونيورسٽي جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جون ذميواريون طئي ڪرڻ؛

(v) عملدارن (سواءِ وائيس چانسلر جي)، استادن ۽ ٻين ملازمن کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

(w)جن معاملن جي رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو هجي، انهن تي سينيٽ کي رپورٽ ڪرڻ؛

(x) هن ايڪٽ جي گنجائش موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(y) سينيٽ کي جمع ڪرائڻ لاءِ اسٽيچوٽس جا ڊرافٽس تجويز ڪرڻ؛

(z) دفعہ 29 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ بيان ڪيل طريقي موجب اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ضابطن تحت غور ڪرڻ ۽ منهن ڏيڻ؛ بشرطيڪ سنڊيڪيٽ پنهنجي ضرورت موجب ضابطا جوڙي سگهي ٿي ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي مشوري بعد انهن جي منظوري ڏئي سگهي ٿي؛

(aa) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ، ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا سمورا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي هن ايڪٽ يا قانونن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن؛

(bb) پنهنجا اختيار ڪنهن اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي منتقل ڪرڻ؛ ۽

(cc) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن تحت سونپيا ويا هجن يا قانونن

موجب سونپي سگهجن ٿا.

24. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

(i) وائيس چانسلر (چيئرمين)؛

(ii) ڊينس؛

(iii) ڊائريڪٽرس؛

(iv) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(v) پروفيسرس اميريٽس سميت يونيورسٽي جا پروفيسرس؛

(vi) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(vii) تعليم وارو سيڪريٽري؛

(viii)تدريسي شعبي جي چيئرمين کانسواءِ ٻه ايسوسيئيٽ پروفيسر انهن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛

(ix) چار اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر انهن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا؛

(x) الحاق ٿيل ڪلايجن جا چار پرنسپالس اهڙن سمورن ڪاليجن جي پرنسپالس طرفان انهن منجهان چنوڊيا ويندا، جن مان هڪ پروفيشنل ڪاليجز ۽ هڪ وومين ڪاليجز مان هوندو؛

(xi) الحاق ٿيل ڪاليجن جا پنج استاد جن کي گهٽ ۾ گهٽ 5 سال ملازمت جو تجربو هجي، سواءِ پرنسپالس جي اهڙن سمورن ڪاليجن جي استادن طرفان انهن منجهان چونڊيا ويندا، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ پروفيشنل ڪاليجز ۽ هڪ وومين ڪاليجز مان هوندو؛

(xii) آرٽس، سائنسز ۽ پروفيشنز ۾ ٽي ناميارا ماڻهو هر

ڪيٽيگري مان هڪ چانسيلر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(xiii) رجسٽرار؛

(xiv) لائبريرين؛ ۽

(xv) امتحانن جو ڪنٽرولر.

(2) نامزدگي يا چونڊ ذريعي مقرر ڪيل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي تي برابر هوندو.

اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council

25.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، جي تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) سنڊيڪيٽ کي تدريسي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) تدريس، تحقيق ۽ امتحانن جو انتظام ڪرڻ؛

(c) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(d) يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت ۽ نظم و ضبط جو خيال ڪرڻ؛

(e) سنڊيڪيٽ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ بورڊ

آف اسٽڊيز جوڙڻ ۽ انتظام ڪرڻ لاءِ تجويز ڏيڻ؛

(f) يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقيءَ لاءِ آڇن تي غور ڪرڻ ۽ آڇون جوڙڻ؛

(g) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب ٻه هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نہ ٿيون ٿين، اڪيڊمڪ ڪائونسل، سنڊيڪيٽ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳوات امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن؛

(h) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(i) اسٽوڊنٽ شپس، اسڪالر شپس، ميڊلس ۽ انعامن جو انتظام ڪرڻ؛

(j) سنڊيڪيٽ کي جمع ڪرائڻ لاءِ ضابطا تيار ڪرڻ؛

(k) هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛ ۽

(l) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ.

26. اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار جن لاءِ هن ايڪٽ ۾ ڪا خاص گنجائش نہ جوڙي وئي هجي، اهي ايئن هوندا جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

ڪم ۽ اختيار
Constitution, functions and powers of other Authorities

27. سينيٽ، سنڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻيون اٿارٽيز وقت بوقت اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون جوڙي سگهن ٿيون، جيئن اهي مناسب سمجهن ۽ ماڻهو ڪميٽي جي ميمبر طور مقرر ڪري سگهن ٿيون، جيڪي اهڙين اختيارين جا ميمبر نہ هجن.

ڪجهہ اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري
Appointment of committees by certain Authorities

## باب _ V
## اسٽيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا
## Chapter_V
## Statutes, Regulations and Rules

28. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙي سگهجن ٿا:

اسٽيچوٽس
Statutes

(a) يونيورسٽي جي ملازمن لاءِ پينشن، انشورنس، پرووِيڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولنٽ فنڊ جوڙڻ؛

(b) يونيورسٽي جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ادائگي جا اسڪيلس ۽ ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا؛

(c) رجسٽرڊ گريجوئيٽس جو رجسٽر تيار ڪرڻ؛

(d) تعليمي ادارن جو الحاق ۽ الحاق ختم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(e)تعليمي ادارن کي يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ڪرڻ ۽ اهڙيون مراعتون ختم ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي جي اتهارٽيز جي ميمبرشپ لاءِ چونڊون

منعقد ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(g) فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(h) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(i) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين پبلڪ يا پرائيويٽ آرگنائيزيشنز سان تدريس، تحقيق ۽ ٻين عالماڻين سرگرمين جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(j) پروفيسرز اميريٽس جي مقرري جا شرط ۽ اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(k) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(l) پڙهائي ۽ تحقيق جون اسڪيمون، بشمول ڪورسز جي عرصي، مضمونن جي انگ يا امتحانن جي پيپرس جي؛

(m) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ سنڊيڪيٽ طرفان سينيٽ کي تجويز ڪيو ويندو، جيڪا ان کي منظور ڪري سگهي ٿي يا ان کي تبديلين سان منظور ڪري سگهي ٿي، جيئن سينيٽ مناسب سمجهي يا سنڊيڪيٽ کي ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ واپس اماڻي سگهي ٿي يا ان کي رد ڪري سگهي ٿي؛

بشرطيڪ سنڊيڪيٽ يونيورسٽي جي ڪنهن به اٿارٽي جي جوڙجڪ يا اختيارن کي متاثر ڪندڙ قانونن جو ڊرافٽ تجويز نہ ڪندي، جيستائين اهڙي

تجويز تي اهڙي اٿارٽي کي پنهنجي راءِ لکت ۾ ڏيڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي؛

بشرطيڪ وڌيڪ تہ ذيلي دفعہ (1) جي شقن (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايل معاملن سان لاڳاپيل قانونن جو ڊرافٽ چانسيلر کي اماڻيو ويندو ۽ تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين چانسيلر منظوري نہ ڏئي.

ضابطا
Regulations

29. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڪورسز آف اسٽڊيز؛

(b) طريقو جنهن تحت دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (1) موجب تسليم ٿيل تدريس جو انتظام ڪيو ويندو ۽ فراهم ڪئي ويندي؛

(c)يونيورسٽي ۾ شاگردن جي داخلا؛

(d) شرط جن تحت شاگردن کي يونيورسٽي جي ڪورسز ۽ امتحانن لاءِ داخلا ڏني ويندي ۽ جيڪي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل ٿيندا؛

(e) امتحان منعقد ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي جي ڪورسز آف اسٽڊي ۽ امتحانن ۾ داخلا لاءِ شاگردن طرفان فيس ۽ ٻيون ادائگيون ڪيون ويندون؛

(g) يونيورسٽي جي شاگردن جو نظم و ضبط؛

(h) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش جا شرط، بشمول رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش

لاءِ فيس لڳائڻ جي؛
(i)هاسٽلس ۽ رهائشگاهن جي منظوري ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛
(j) شرط جن تحت ڪو شخص ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو شخص آزاداڻي تحقيق جاري رکي سگھي ٿو؛
(k) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ميڊلس ۽ انعام ڏيڻ؛
(l) وظيفا ۽ فري ۽ هاف فري اسٽوڊنٽ شپس ڏيڻ؛
(m) اڪيڊمڪ ڪاسٽيوم؛
(n) لائبريري جو استعمال؛
(o) تدريسي شعبن ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛ ۽
(p) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ ۽ قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.
(2) ضابطا اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان تيار ڪيا ويندا ۽ سنڊيڪيٽ کي جمع ڪرايا ويندا جيڪا انهن کي منظور ڪري سگھي ٿي يا منظوري روڪي سگھي ٿي يا انهن کي ٻيهر غور لاءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي واپس اماڻي سگھي ٿي. اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ضابطو تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين ان جي سنڊيڪيٽ طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.

استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

30. قانونن ۽ ضابطن ۾ واڌاري، ترميم ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو طريقيڪار ساڳيو هوندو جيڪو قانونن ۽ ضابطن جي جوڙڻ ۽ ناهڻ لاءِ ترتيبوار بيان ڪيل آهي.

Amendment and repeal of statutes and regulations

31. (1) اختياريون ۾ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، اسٽيچوٽس ۾ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۾ گڏجاڻين جي وقت ۾ هنڌ ۾ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون؛

قاعدا
Rules

بشرطيڪ سنڊيڪيٽ سواءِ سينيٽ جي ٻي ڪنهن اختياري يا باڊي طرفان هن دفعہ تحت جوڙيل ڪن بہ قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي؛

بشرطيڪ وڌيڪ تہ جيڪڏهن اهڙي اختياري يا باڊي اهڙين هدايتن سان مطمئن نہ آهي تہ اها سينيٽ کي اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(2) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿي، جيڪي خاص طور تي هن ايڪٽ، قانونن ۾ ضابطن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

## باب _VI
## تعليمي ادارن جو يونيورسٽي ۾ الحاق
## Chapter_VI
## Affiliation of Educational Institutions to the University

32. (1) يونيورسٽي ۾ الحاق چاهيندڙ تعليمي ادارو مطمئن ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي کي درخواست ڏيندو تہ:

(a) تعليمي ادارو حڪومت جي انتظام هيٺ آهي يا ان لاءِ مستقل بنيادن تي جوڙيل گورننگ باڊي آهي؛

الحاق
Affiliation

(b) تعليمي اداري جا مالي وسيلا اداري جي مرمت ۾

جوڳي نموني ڪم جاري رکڻ لاءِ ڪافي آهن؛
(c) تعليمي اداري جي پڙهائيندڙ ۽ ٻئي اسٽاف جي سگهه، تعليمي قابليت ۽ ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا بيان ڪيل ڪورسز آف اسٽڊيز ۽ تعليمي اداري جي تربيت جي مقصد لاءِ مطمئن ڪندڙ آهن؛
(d) تعليمي اداري ڪي پنهنجي ملازمن جي ڪم ڪار ۽ نظم و ضبط کي سنڀالڻ لاءِ جوڳا قاعدا آهن؛
(e) عمارت جنهن جڳهه تي تعليمي ادارو قائم ٿيڻو آهي، اها موزون آهي ۽ گنجائشون قانونن ۽ قاعدن موجب شاگردن جي رهائش لاءِ جوڙيون ويندڀون، جيڪي پنهنجي والدين يا سنڀاليندڙ سان گڏ تعليمي اداري يا هاسٽلس يا ان طرفان منظور ڪيل رهائش جي جڳهن ۾ نه رهي سگهندا، نظرداري ۽ شاگردن جي طبي ۽ عام ڀلائيءَ جي سلسلي ۾؛
(f) لائبريري ۽ لائبريري جي ججهي انداز ۾ خدمتن لاءِ گنجائشون جوڙيون ويون آهن؛
(g) جتي تجرباتي سائنسز جي ڪنهن شاخ ۾ الحاق گهربل هجي، اتي ان سائنس جي شاخ ۾ تعليم لاءِ مڪمل پريل ليباريٽري، ميوزيم ۽ ٻين عملي ڪم جي هنڌن سان گڏ تعليم لاءِ انتظام ڪيا ويا آهن؛
(h) ضروري گنجائش، جيئن حالتون اجازت ڏين، پرنسپال جي رهائش ۽ تدريسي عملي جي ميمبرن جي رهائش لاءِ ڪاليج ۾ يا ڪاليج پرسان يا شاگردن جي رهائش لاءِ فراهم ڪيل جڳهه پرسان جوڙي ويندي؛ ۽
(i) تعليمي اداري جو الحاق، گنجائش موجب پر ۾

موجود ڪنهن ٻئي تعليمي اداري جي شاگردن جي تعليم يا نظم و ضبط جي مفادن لاءِ نقصانڪار نہ هوندو.

(2) نفاذ ۾ وڌيڪ اهو شامل هوندو تہ تعليمي ادارو جي الحاق بعد ڪا منتقلي، ڪي انتظامي ۽ تدريسي عملي ۾ تبديلين بابت يونيورسٽي کي رپورٽ ڪيو ويندو ۽ تدريسي عملو اهڙي قابليت رکندو، جيئن بيان ڪيل آهي يا جيئن بيان ڪيو وڃي.

(3) هڪ تعليمي اداري جي الحاق بابت درخواست جي نيڪال جو طريقيڪار اهڙيءَ ريت هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سنڊيڪيٽ الحاق ڪميٽي جي سفارش تي تعليمي اداري کي الحاق ڏئي يا الحاق کان انڪار ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ الحاق کان تيستائين انڪار نہ ڪيو ويندو يا ختم نہ ڪيو ويندو جيستائين تجويز ڪيل فيصلي خلاف تعليمي اداري کي ريپريزنٽيشن پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

33. جتي ڪو تعليمي ادارو پڙهائي جا ڪورسز شامل ڪرڻ جي خواهش ڪري ٿو جن جي سلسلي ۾ ان کي الحاق ڏنو ويو آهي تہ دفعہ 32 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ ڄاڻايل طريقيڪار تي عمل ڪيو ويندو.

**الحاق ٿيل ادارن طرفان ڪورسز جو اضافو**

**Addition of courses by affiliated**

34.(1) يونيورسٽي ۾ الحاق ٿيل هر تعليمي ادارو

اهڙيون رپورٽون، ريٽرنس ۽ ٻي معلومات فراهم ڪندو جيڪا يونيورسٽي ان جي صلاحيت ۽ تعليمي اداري جي اهليت لاءِ طلب ڪري.

(2) يونيورسٽي الحاق ٿيل ڪنهن تعليمي اداري کي مخصوص عرصي دوران اهڙو قدم کڻڻ لاءِ چئي سگهي ٿي، جيڪو يونيورسٽي دفعہ 32 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل ڪنهن معاملي لاءِ ضروري سمجهي.

educational institutions

الحاق ٿيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون

Reports from affiliated educational institutions

35. (1) جيڪڏهن يونيورسٽي سان الحاق ٿيل تعليمي ادارو ڪنهن بہ وقت هن ايڪٽ ۾ ڄاڻايل گهرجن تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ادارو پنهنجي الحاق جي ڪنهن شرط تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ان جا معاملا اهڙيءَ ريت هلايا وڃن ٿا، جيڪي تعليم جي مفادن وٽان نہ هجن تہ سنديڪيٽ الحاق ڪميٽي جي سفارش تي ۽ تعليمي اداري طرفان اهڙي ريپريزنٽيشن تي غور ڪرڻ کانپوءِ تعليمي اداري کي الحاق ذريعي ڏنل سمورا حق يا ڪجهہ حصو ختم ڪري سگهي ٿي يا اهڙن حقن کي ٻيهر ترتيب ڏئي سگهي ٿي.

الحاق ختم ڪرڻ

Withdrawal of affiliation

(2) الحاق ختم ڪرڻ لاءِ اهڙو طريقو اختيار ڪيو ويندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

36. ڪنهن اداري جو الحاق ختم ڪرڻ واري سنديڪيٽ جي فيصلي، تعليمي اداري کي الحاق ذريعي ڏنل سمورا حق يا ڪجهہ حصو ختم ڪرڻ خلاف سينيٽ ۾ اپيل ڪري سگهجي ٿي.

الحاق کان انڪار يا ختم ڪرڻ خلاف اپيل

Appeal against

## باب ـ VII

## يونيورسٽي فنڊ

## Chapter_VII
## University Fund

refusal or withdrawal of affiliation

یونیورسٽي فنڊ
University Fund

37. يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن کي يونيورسٽي فنڊ سڏيو ويندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts

38. (1) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي رکيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪو به خرچ يونيورسٽي جي فنڊس مان نه ڪيو ويندو، جيستائين ان جي ادائگي جو بل قانونن، ضابطن ۽ قاعدن موجب ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان آڊٽ نه ڪيو ويو هجي.

(3) يونيورسٽي جا اڪائونٽس خزانچي ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر جي صحيح سان گڏ مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر حڪومت کي جمع ڪرايا ويندا.

(4) يونيورسٽي جا اڪائونٽس سال ۾ هڪ ڀيرو قانونن، ضابطن ۽ قاندن موجب حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(5) يونيورسٽي جا اڪائونٽس آڊٽ اعتراضن سميت، جيڪڏهن ڪو هجي ۽ آڊيٽر ۽ ڊائريڪٽر فنانس جي خدشن سميت ڄاڻايل طريقيڪار موجب سنڊيڪيٽ ۾ پيش ڪيا ويندا.

## باب _VIII
## عام گنجائشون
## Chapter_VIII

## General Provisions

سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show case

39. سواءِ ان جي ته، ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ گهٽائي نه ويندي يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نه ڪيو ويندو جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نه ڪيو وڃي.

سنڊيڪيٽ کي اپيل ۽ ان طرفان نظرثاني
Appeal to and review by the Syndicate

40. جتي ڪنهن عملدار (سواءِ وائيس چانسيلر جي)، استاد يا يونيورسٽي جي ٻئي ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي يا ان جي ملازمت جي ڄاڻايل شرطن ۽ ضابطن موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف سنڊيڪيٽ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو، جتي حڪم سنڊيڪيٽ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي سنڊيڪيٽ کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست ڪرڻ جو حق حاصل هوندو. نظرثاني لاءِ اپيل يا درخواست وائيس چانسيلر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي راءِ ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ سنڊيڪيٽ جي سامهون رکندو.

41. (1) يونيورسٽي پنهنجي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ڀلائي لاءِ ۽ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي،

پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پروويڊنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پروويڊنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 (1925 جو ايڪٽ XIX) جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون، جيئن اهو گورنمينٽ پروويڊنٽ فنڊ هجي.

اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات
Commencement of term of office of members of Authorities

42. (1) جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر چونڊيو مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ ڪان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعه (1) ۾ شامل ڪجهه به دفعه 44 تي اثرانداز نه ٿيندو.

اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي پرتي
Filling of Casual Vacancies in authorities

43. ڪنهن اٿارٽي جي چونڊيل، مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي ان شخص، شخصيتن يا باڊي طرفان جنهن ان ميمبر کي چونڊيو، مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد تي سگهي پريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾

44. جتي هن ايڪٽ تحت جوڙيل اٿارٽي ۾ ڪا آسامي هجي، چاڪاڻ ته حڪومت يا تنظيم، اداري يا يونيورسٽي کان ٻاهر ڪنهن ٻي باڊي ذريعي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم کان روڪي وئي هجي، يا

ڪنهن بئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت پري ويندي جيئن چانسيلر هدايت ڪري.

45. جيڪڏهن ڪنهن ميمبر جي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر طور مقرري تي ڪو سوال اٿي ٿو تہ اهو معاملو وائيس چانسلر ۽ هاءِ ڪورٽ جي جج ۽ سڀ کان سينئر ڊين تي مشتمل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو، جيڪي سنڊيڪيٽ جا ميمبر آهن ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

46. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو ڪندڙ پاس ڪندڙ جاري ڪندڙ اٿارٽي ۾ موجود ڪنهن آسامي جي ڪري غير موثر نہ ٿيندو يا اٿارٽي ۾ ڪنهن ڊي فيڪٽو ميمبر جي چونڊ، مقرري يا نامزدگي ۾ قابليت يا غير موجودگي سبب غير موثر نہ ٿيندو، پوءِ اهو حاضر هجي يا غير حاضر هجي.

47. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ ڄاڻايل قانون دفعہ 28 تحت جوڙيل قانون سمجهيا ويندا ۽ تيستائين جاري رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا جيستائين انهن کي هن ايڪٽ جي گنجائش تحت جوڙيل نون قانونن سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

48. (1) يونيورسٽي آف ڪراچي آرڊيننس، 1962 (1962 جو آرڊيننس V)، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان کي منسوخ ڪيو

خرابيون
Voids in the constitution of Authorities

اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار
Disputes about membership of Authorities

اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر نہ ٿينديون
Proceedings of the Authorities not invalidated by vacancies

فرسٽ اسٽيچوٽس
First Statutes

**منسوخي ۽ محفوظ ڪرڻ**

**Repeal and Savings**

وڃي ٿو.

(2) جيستائين ڇاڪاڻ آرڊيننس منسوخ نہ ڪيو وڃي:

(a) ڪجھ بہ ڪيل، ڪو قدم کنيل، ذميواريون يا جوابداريون، حق ۽ اثاثا ورتل، مقرر ڪيل فرد يا بااختيار بڻايل، دائره اختيار ڏنل، انڊومنٽس، تحفا، فنڊ يا جوڙيل ٽرسٽس، عطيا يا گرانٽس ڏنل، اسڪالر شپون، اسٽوڊنٽ شپس، جوڙيل نمائشون، مراعتون ڏنل ۽ حڪم ڪڍيل، جيڪڏهن هن آرڊيننس تحت جوڙيل قانونن، ضابطن يا قاعدن جي خلاف نہ آهن تہ اهي جاري رکيا ويندا، ۽ سمجهيو ويندو تہ اهي صحيح نموني سان هن ايڪٽ مطابق ڪيا ويا آهن. قدم کنيا ويا آهن، خرچ پکا ڪيا ويا آهن. ڪا جائيداد حاصل ڪئي وئي آهي، ڪي ماڻهو مقرر ڪيا ويا آهن. ڪنهن کي اختيار ڏنو ويو آهي، ڪجھ ٺاهيو جوڙيو ۽ بڻايو ويو آهي، ڪجھ منظور ڪيو ويو آهي ۽ جاري ڪيو ويو آهي.

(b) جوڙيل قانون، يونيورسٽي آرڊيننسز ضابطا يا قاعدا يا جيڪي ڇاڪاڻ آرڊيننس تحت جوڙيا ويڻا آهن، جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائش سان ٽڪراءَ ۾ نہ آهن تہ اهي هن ايڪٽ تحت جوڙيل قانون، ضابطا يا قاعدا سمجهيا ويندا، جيڪي هن ايڪٽ تحت مختلف معاملن تي هلايا ويندا يا جيئن ترتيب وار قانونن يا قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي، جاري رکيا ويندا، جيستائين انهن کي منسوخ، ختم يا هن ايڪٽ تحت ٻيهر نہ جوڙيو وڃي.

49. سنڊيڪيٽ جيئن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ ٿيڻ کان فوري پوءِ جوڙي وئي هجي، ڪم جاري رکندي ۽ جيترو ٿي سگهي، هن ايڪٽ تحت سينيٽ ۽ سنڊيڪيٽ کي مليل اختيار استئان ڪندي، جيستائين هن ايڪٽ تحت پهرين سنڊيڪيٽ جوڙي نہ وڃي.

ضروري گنجائشون
Transitory Provisions

بشرطيڪ اهڙي وقت تائين جيستائين هن ايڪٽ تحت پهرين سينيٽ جوڙي نہ وڃي ۽ گڏجاڻي نہ ڪري، هن ايڪٽ تحت پهرين سنڊيڪيٽ مڪمل طور جوڙيل سمجهي ويندي سواءِ سينيٽ طرفان ميمبرن جي نامزد ڪرڻ جي ۽ هن ايڪٽ تحت سنڊيڪيٽ کي اختيار سونپيا ويندا، سينيٽ کي سونپيل اختيار استعمال ڪندي،

(2)ٻيون اٿارٽيز، جيڪي هن ايڪٽ جي فوري طور لاڳو ٿيڻ کان اڳ موجود هيون، ڪم جاري رکنديون ۽ ترتيبوار هن ايڪٽ تحت لاڳاپيل اختيارين کي سونپيل اختيار استعمال ڪنديون، اهڙي وقت تائين جيستائين هن ايڪٽ تحت جوڙيل اٿارٽيز سان تبديل نہ ڪيون وڃن.

50. جيڪڏهن هن ايڪٽ تحت ڪنهن اٿارٽي جي پهرين جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ يا ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ جي گنجائشن لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي تہ چانسيلر اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ وائيس چانسيلر جي سفارش تي خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ ۾ رنڊڪون هٽائڻ
Removal of

difficulties at the commencement of Ordinance

فرست اسٽيچوٽس

The First Statutes

فيڪلٽيز

Faculties

**پهريان قانون**

**(ڏسو دفعہ 47)**

**The First Statutes**

**(See Section 47)**

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:

(i) آرٽس جي فيڪلٽي؛

(ii) بزنس ايڊمنسٽريشن جي فيڪلٽي؛

(iii) تعليم جي فيڪلٽي؛

(iv) انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛

(v) قانون جي فيڪلٽي؛

(vi) ميڊيسن جي فيڪلٽي؛

(vii) اسلامي تعليم جي فيڪلٽي؛

(viii)سائنس جي فيڪلٽي؛ ۽

(ix) اهڙيون ٻيون ڪي فيڪلٽيز جيئن قانونن ۾ بيان ڪيون ويون هجن.

(2) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو, جيڪو مشتمل هوندو:

(a) ڊين؛

(b) پروفيسرس, ايسوسيئيٽ پروفيسرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(c)فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جا ٻہ ميمبر ميمبر لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽

(d) ٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا,

جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي حوالي نہ ڪيا ويندا، جن
کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾ فيڪلٽي کي
سونپيل مضمونن تي خاص عبور هوندو.

(3) ذيلي دفعہ (2) جي ذيلي شقن (iii) ۽ (iv) ۾ ڄاڻايل
ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.

(4) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي
ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي
نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(5) هر فيڪلٽي جي بورڊ کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽
سنڊيڪيٽ جي عام ضابطن موجب، اختيار حاصل
هوندا:

(a) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽
تحقيق بابت مربوط ڪرڻ؛

(b)پيپر سيٽرز ۽ ممتحن جي مقرري تي فيڪلٽي ۾
شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي ڇنڊ ڇاڻ
ڪرڻ، سواءِ تحقيقي ممتحن جي ۽ موزون پيپر سيٽرز
۽ متحن جا هر امتحان لاءِ پينل وائيس چانسيلر ڏانهن
اماڻڻ؛

(c) فيڪلٽي سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي تعليمي معاملي
تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل
کي رپورٽ ڪرڻ؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان
ڪيو ويو هجي.

2.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف
فيڪلٽي جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

| | |
|---|---|
| (2) هر فيڪلٽي جو ڊين بورڊ آف فيڪلٽي جي ميمبرن طرفان فيڪلٽي ۾ موجود پروفيسرن منجهان چونڊيو ويندو.<br>(3) ڊين فيڪلٽي ٽن سالن لاءِ عهدو سنڀاليندو.<br>(4) ڊين اميدوارن کي ڊگري ۾ داخلا لاءِ پيش ڪندو سواءِ اعزازي ڊگرين جي، جيڪي فيڪلٽي ۾ اينڊڙ ڪورسن ۾ هوندا.<br>(5) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | ڊين<br>Dean |
| 3. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر تدريسي شعبي جو هڪ چيئرمين سربراهه هوندو.<br>(2) تدريسي شعبي جو چيئرمين سنڊيڪيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي شعبي جي ٽن سينئر ترين استادن منجهان ٻن سالن لاءِ مقرر ڪيو ويندو.<br>(3) تدريسي شعبي جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو. | تدريسي شعبو<br>Teaching Department |
| 4. (1) هر مضمون يا مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ڌار بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو: | بورڊ آف اسٽڊيز<br>Board of Studies |

(i) تدريسي شعبي جو چيئرمين؛
(ii) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛
بشرطيڪ جيڪڏهن ذيلي شقن (i) ۽ (ii) تحت يونيورسٽي استادن جو ڪل انگ ٽن کان گهٽ هجي ته، اهو انگذيلي شق (iii) موجب ٻي يونيورسٽي مان نامزدگي سان پورو ڪيو ويندو؛
(iii) هڪ يا ٻه يونيورسٽي جا استاد، جيئن معاملو هجي، سواءِ پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرز جي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛
(iv) ٽي استاد، سواءِ يونيورسٽي استادن جي، سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيا ويندا. هر بورڊ جي ضرورت جي حساب سان انگ سنڊيڪيٽ طرفان طئي ڪيو ويندو؛ ۽
(v) هڪ ماهر وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيو ويندو.
بشرطيڪ مضمون جيڪي تدريسي شعبي يا جوڙيل ڪاليجن ۾ فقط پڙهايا ويندا آهن، جهڙوڪ قانون، ڪامرس، سوشل ورڪ، جرنلزم، جيالاجي، وغيره، بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:
(a)يونيورسٽي تدريسي شعبي جو چيئرمين؛
(b)يونيورسٽي تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛
(c)پروفيسر يا ايسوسيئيٽ پروفيسر کانسوا هڪ يونيورسٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر

ڪيو ويندو؛ ۽

(d) چار ماهر وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا،

بشرطيڪ وڏيڪ تہ الحاق ٿيل ڪاليجن ۾ فقط پڙهايا ويندڙ پروفيشنل مضمونن جي صورت ۾ ۽ جيڪي يونيورسٽي ۾ ناهن پڙهايا ويندا، جهڙوڪ ميڊيسن، اينيمل هسبنڊري، ڊينٽسٽري، هوم اڪنامڪس، انجنيئرنگ، ايگريڪلچر وغيره.. بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(a) لاڳاپيل ڪاليجن جا پرنسپالس؛

(b) ڪاليجن جا پنج استاد سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(c) ٻہ ماهر وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا؛

بشرطيڪ اهو بہ تہ هيومنٽيز ۽ سائنسز جي مضمونن جي صورت ۾ جيڪي رڳو الحاق ٿيل ڪاليجن ۾ پڙهايا ويندا ۽ يونيورسٽي ۾ ناهن پڙهايا ويندا، بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(a) مضمون ۾ تدريس ڏيندڙ ڪاليجن مان ڇهہ استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(b) هڪ ماهر وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي؛

(5) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين بورڊ آف

اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو. جتي اهڙو مضمون جنهن لاءِ يونيورسٽي تدريسي شعبو ناهي، چيئرمين سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيو ويندو.
(6) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:
(a) اٿارٽيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تدريس، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن تعليمي معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛
(b) مضمون يا لاڳاپيل مضمونن ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛
(c) مضمون يا لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽
(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ
Advanced studies and Research Board

5. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(i) وائيس چانسيلر (چيئرمين)؛
(ii) ڊينس؛
(iii) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز سواءِ ڊينس جي، سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽
(iv) ٽي يونيورسٽي جا استاد جن وٽ قابليت ۽ تجربو هوندو اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرس کانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽي ۾ تحقيقي ڊگريون ڏيڻ تي غور ڪرڻ ۽ اٿارٽيز کي رپورٽ ڏيڻ؛

(c) تحقيقي ڊگري ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(d) تحقيق جي شاگردن لاءِ سپر وائيزرس مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي ٿيسز جا مضمون طئي ڪرڻ؛

(e) بروڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور بعد تحقيقي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جا پينلس تجويز ڪرڻ؛ ۽

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

6. (1) سليڪش بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) وائيس چانسيلر (چيئرمين)؛

(ii) چيئرمين يا سنڌ بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن جو هڪ ميمبر چيئرمين طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(iii) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛

(iv) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين ۽

(v)سنڊيڪيٽ جو هڪ ميمبر ۽ ٻه ٻيا ناميارا ماڻهو

سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيا ويندا، بشرطيڪ انهن ٽنهي مان ڪو به يونيورسٽي جو ملازم نه هوندو.

(2) شق (1) جي ذيلي شق (v) ۾ ڄاڻايل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.

(3) (a) پروفيسر يا ايسوسيئيٽ پروفيسر جي چونڊ لاءِ ڪورم چار ميمبر ۽ ٻين استادن جي چونڊ لاءِ ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(b) استادن کانسواءِ عملدارن جي صورت ۾، سليڪشن بورڊ فقط شق (1) جي ذيلي شقن (i)، (ii) ۽ (v) ۾ موجود ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(4) ڪو به ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نه وٺي سگهندو.

(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون ۾ به ماهر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا. سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست منجهان ۽ وقت به وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

**سليڪشن بورڊ جا ڪم**
**Functions of Selection Board**

7. (1) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين تدريسي ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرري لاءِ سنڊيڪيٽ کي تجويز ڪندو.

(2) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪرڻ لاءِ سنڊيڪيٽ کي اعليٰ بنيادي پگهار جاري ڪرڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(3) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافته شخص کي يونيورسٽي ۾ پروفيسرشپ تي مقرري لاءِ بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن کانسواءِ سنڊيڪيٽ کي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(4) سليڪشن بورڊ ۽ سنڊيڪيٽ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نه ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

**ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي**

**The finance and Planning Committee**

8. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسيلر (چيئرمين)؛

(ii) سينيٽ جو هڪ ميمبر سينيٽ طرفان مقرر ڪيو ويندو؛

(iii) سنڊيڪيٽ جو هڪ ميمبر سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيو ويندو؛

(iv) يونيورسٽي جا ٻه ڊينس وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(v) چانسيلر جو هڪ نامزد ڪيل؛ ۽

(vi) خزانچي.

(2) مقرر ڪيل ميمبرن جي عهدي جو مدو ٽي سال هوندو.

**ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم**

(3) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

**Functions of the Finance and Planning Committee**

9. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) سالياني اڪائونٽ جي اسٽيٽمينٽ تي غور ڪرڻ ۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ سنڊيڪيٽ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽي جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛

(c) سنڊيڪيٽ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.

**الحاق ڪميٽي**
**Affiliation Committee**

10. (1) هڪ الحاق ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسيلر؛

(ii) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(iii) لاڳاپيل ريجن جو ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن (ڪاليجز).

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو؛

(3) الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هوندا.

(4) الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.
(6) الحاق ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(a) الحاق چاهيندڙ يا يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخلا چاهيندڙ تعليمي اداري جي جاچ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي مشورو ڏيڻ؛
(b) الحاق ٿيل ڪاليجن طرفان الحاق جي شرطن جي پيڪڙي جي شڪايتن تي جاچ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي مشورو ڏيڻ؛ ۽
(c) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**نظم و ضبط ڪميٽي**
**Discipline Committee**

11. (1) ڊسيپلين ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:
(i) وائيس چانسيلر يا ان جو نامزد ڪيل؛
(ii) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(iii) هڪ ميمبر سنڊيڪيٽ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛
(iv) شاگردن جي معاملن جو هڪ استاد يا آفيسر انچارج ڪهڙي ٻه نالي سان هجي جيڪو (ميمبر سيڪريٽري) طور ڪم ڪندو؛ ۽
(v) يونيورسٽي شاگرد يونين جو صدر.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڊسيپلين ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو.
(3) ڊسيپلين ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبر هوندو.
(4) ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) اڪيڊمڪ ڪائونسل کي يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت، نظم و ضبط ۽ بداخلاقي جي ڪيسن سان منهن ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ ۽

(ii) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ضابطن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**